
# پِيرَن جي پِيرَ جون
# پِياريون ادائُون

(04-October-2025)



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

# اجتماع غوثيہ جو بيان

(11 ربيع الآخر 1447 ھ بمطابق 4 آڪٽوبر 2025ع)

(ڇنڇرءِ آچر جي وچ واري رات)

# پِيرَن جي پِيرَ جون پِياريون ادائون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿ ... محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جوهٺ چمي ورتو
- ✿ ... اللّٰہ وارن جي پيروي ڪرڻ جو حڪم
- ✿ ... خودپسندي ڪان بچو
- ✿ ... ان جاءِ وچون هجي ها ته

پیشکش

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مسلمان وٽ صدقو ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه به نه هجي ان کي گهرجي ته پنهنجي دعا ۾ هينئن چوي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبۡدِكَ وَرَسُوۡلِكَ وَصَلِّ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُؤۡمِنَاتِ وَالۡمُسۡلِمِيۡنَ وَالۡمُسۡلِمَاتِ

ته اهو بيشڪ پاڪ ڪرڻ وارو آهي ۽ مومن ڪڏهن به ڀلائيءَ مان پربو ناهي ايستائين جو جنت سندس نڪاڻو نه بڻجي وڃي.[1]

**حديث جي شرح:** جيڪو شخص صدقو ڪرڻ جي طاقت نه ٿو رکي، ان جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ الله پاڪ کان رحمت جي دعا گهرڻ يعني سندن مٿان درود پاڪ موڪلڻ ان شخص جي لاءِ صدقو آهي.[2]

جن کا لقب ہے مصطفٰے صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ

ان سے ہمیں خدا مِلا صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ

1... صحيح ابن حبان،كتاب الرقاق، ذكر بيان بان صلاة الداعى...الخ، صفحه:348، حديث :903۔

2... السراج المنير بشرح جامع الصغير،جلد:2، صفحه: 103۔

مشکلیں اُن کی حل ہوئیں قسمتیں اُن کی کھل گئیں
وِرد جنھوں نے کرلیا صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقان رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# رحمتِ خداوندي ڏياريندي آهي يارهين

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه!اڄ **وڏي يارهين شريف آهي.** گذريل مهيني اسان وڏي ڌام ڌوم سان ماهِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي **12 هين شريف** ملهائڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ هاڻي اسان **يارهين شريف** ملهائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون.

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکيو آهي: حضور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ **12 هين شريف** (يعني محبوب ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ميلاد پاڪ) وڏي اهتمام سان ملهائيندا هئا. هڪ ڏينهن رسولن جا سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن خواب

---

1... ديوانِ سالڪ، صفحہ:24 -25 ملتقطاً۔
2... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

۾ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: **اي عبد القادر! تو اسان کي 12 هين سان ياد ڪيو آهي، اسان توکي يارهين عطا ڪريون ٿا.** (1)

اَلحمدُلِلّٰہ! ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين يارهين شريف جو سلسلو جاري آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! قيامت تائين جاري رهندو.

| | |
|---|---|
| جب اپنے غوثِ پاک کی آتی ہے گیارہویں | سب کو بہارِ تازہ دِکھاتی ہے گیارہویں |
| ہوتی ہیں دُھوم دھام سے عالَم میں محفلیں | کانوں کو مدحِ غوث سُناتی ہے گیارہویں |
| اَجرِ عظیم بانیٔ محفل کو ملتے ہیں | رحمت خُدائے پاک کی لاتی ہے گیارہویں |
| ہوتا ہے ہر مرید کا کیا باغ باغ دِل | گل گلشنِ جماعت دِکھاتی ہے گیارہویں |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# سيني غوثَن جا غوثَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا پير حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پِيرَن جا پِيرَ آهن، پِيرَ دستگير آهن. پاڻ حَسَنِي ۽ حُسَيْنِي سيد آهن. رب ڪريم ڪين تمام اعليٰ رتبو عطا فرمايو آهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکيو آهي ته غوث پنهنجي دور ۾ سيني وَلِيَن جو سردار هوندو آهي ۽ اسان جا حضور (غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ) امام مهدي جي اچڻ تائين سيني عالَمن جا غوث، سيني غوثن جا غوث ۽ سيني ولين جا سردار آهن، سيني جي ڪَنڌَ تي سندن مبارڪ قدم آهي. (2)

| | |
|---|---|
| تُو ہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا | تُو ہے وہ غیث کہ ہر غیث ہے پیاسا تیرا |
| سورج اگلوں کے چمکتے تھے چمک کر ڈوبے | افقِ نور پہ ہے مہر ہمیشہ تیرا (3) |

---

1... جاء الحق، صفحه:220.
2... فتاویٰ رضويه، جلد:26، صفحه:559 بتصرف قليل.
3... حدائقِ بخشش، صفحه:23.

**وضاحت:** يعني اي منهنجا آقا! شهنشاهِ بغداد، اوهان اهڙي شان وارا غوث آهيو جو هرهڪ غوث اوهان جو عاشق آهي. اوهان اهي ڪرم جا ڪڪرَ آهيو جو بين کي فيض ڏيڻ وارا اوهان جا محتاج آهن. اڳين ولين جا شانَ تمام گهڻا بلند ٿيا پر هڪ خاص وقت تائين! پر اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان جي شان جو سِجُ هميشه روشن رهندو.

## الله وارَن جي پيروِي ڪرڻ جو حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان پيرن جي پير، پير دستگير حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون ڪجهه پياريون پياريون ادائون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. انهن پيارين پيارين ادائن جي اهميت ڇا آهي، اهو اسان قرآن ڪريم جي روشني ۾ سڪنداسين. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَّ اتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَیَّ ۚ<br>(پاره:21، سورهٔ لقمان:15) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل. |

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمه ۾ اسان کي انهن جي رستي تي هلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جيڪي الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا يعني الله پاڪ جي انتهائي فرمانبرداري ڪرڻ وارا آهن.

۞ يقيناً هن دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ واري هستي اسان جا آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن ۞ انهن کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان صحابهءِ ڪِرام رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُم به الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا آهن ۞ اولياءِ ڪِرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم به الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا آهن ۞ حضور غوث پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به بيشڪ الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا آهن بلڪ لڪين ماڻهن کي الله پاڪ جي بارگاهه تائين پهچائڻ وارا آهن.

# واپاريءَ جو ڪم ٿهي ويو

**تَفريحُ الخاطر** (هن ڪتاب) ۾ آهي ته مصر ۾ هڪ واپاري رهندو هو جيڪو حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو وڏو ديوانو هو سندن سان تمام گهڻي عقيدت رکندو هو. هُن پنهنجي دل ۾ پڪو پَهُ ڪيو هو ته مان مُريد ٿيندس ته صرف غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ئي ٿيندس. سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪرڻ جي لاءِ بغداد وڃڻ لاءِ به تيار هو پر هن جي قسمت جو ڪيس بغداد جي حاضري نصيب نه ٿي رهي هئي.

اهڙي طرح ارادو ڪندي ڪندي ڪيس **40 سال** گذري ويا. آخرڪار هڪ دفعي هي همت ڪري بغداد شريف پهچي ويو. جڏهن اتي پهتو ته ڪيس خبر پئي ته حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ته دنيا مان پردو فرمائي چڪا آهن.

اللہ اکبر! سالن جي خواهش اڄ پوري مَس ٿي ته محبوب پردي ۾ هليا ويا. هن جي پيرن هينان ته ڄڻ زمين ئي نڪري وئي، ڪيس تمام گهڻو صدمو رَسيو. خير، مزار شريف تي حاضر ٿي، تمام ادب سان هن غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مزارِ پاڪ جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. جيئن ئي مزارِ پاڪ تي حاضر ٿيو، تيئن ئي مٿس ڪرم ٿي ويو. اهي ئي غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جن جي محبت جي چِڻنگَ سالن کان سندس دل ۾ دُکِي رهي هئي، انهن غريب نواز، ڪرم ڪندڙ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جاڳندڙ اکين سان پنهنجي غلام کي ديدار به عطا ڪيو، پنهنجو مريد به بڻايائون ۽ ڪيس هڪ ئي نظرِ ڪرم سان **اِنابَت** جي درجي تائين پهچائي ڇڏيائون.[1]

سيني کان ڪنجي الله پاڪ جي طرف لَو لڳائڻ کي **اِنابَت** چئبو آهي. هي تصوف جو هڪ اعليٰ درجو آهي.

ڪيوں نہ قاسم ہو کہ تو ابنِ ابی القاسم ہے | کیوں نہ قادر ہو کہ مختار ہے بابا تیرا [2]

1... تفريح الخاطر، المنقبة الحادية و العشرون، صفحه:30-31 مفصلاً۔
2... حدائقِ بخشش، صفحه:20۔

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اهي شان وارا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي نظرِ ڪرم ڪن ته **اِنابَت** واري درجي تي پهچائي ڇڏين، اهي پاڻ ڪيڏي نه اعليٰ مرتبي وارا مُنِيب (يعني الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا) هوندا. الله پاڪ فرمايو آهي:

وَّ اتَّبِعۡ سَبِيۡلَ مَنۡ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ
(پاره:21، سورة لقمان:15)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل.

يقيناً حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ وارا آهن، تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته سندن پياري پياري، نُورَ ڀَري سيرت مان روشني حاصل ڪريون ۽ سندن ادائون سکي، پنهنجي زندگي ۾ عملي طور انهن تي عمل ڪري، سنا ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اچو ته غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون ڪجهه پياريون پياريون ادائون ٻڌون ٿا:

## محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جوهَٿ چُمِي ورتائون

**تَفرِيحُ الخاطِر** ۾ آهي ته هڪ ڀيرو حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مديني شريف ۾ حاضر ٿيا، **40** ڏينهن تائين روزانو مواجهه شريف تي (يعني پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري پاڪ جي سامهون) حاضر ٿيندا رهيا ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪندا رهيا:

ذَنُوبِيْ كَمَوْجِ الْبَحْرِ بَلْ هِيَ أَكْثَر ۔ كَمِثْلِ الْجِبَالِ الشَّمِ بَلْ هِيَ اَكْبَرَ
وَ لٰكِنَّهَا عِنْدَ الْكَرِيْمِ اِذَا عَفَا ۔ جَنَاحٌ مِنَ الْبَعُوْضِ بَلْ هِيَ اَصْغَرُ

**ترجمو:** يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا گناهه سمنڊ جي لهرن جيترا آهن، پر نه نه انهن کان به وڌيڪ آهن، وڏن وڏن جبلن کان به، وڏا آهن، پر نه نه انهن کان به وڌيڪ آهن، پر ڪريم جڏهن ڪَرَم فرمائيندو آهي ته انهن گناهن جي حيثيت مڇر جي پَرَ جيتري به نه رهندي آهي.

40 ڏينهن تائين پاڻ مسلسل اِهو عرض پيش ڪندا رهيا، پوءِ هڪ ڏينهن حاضر ٿيا ۽ اچي عرض ڪيائون:

| | |
|---|---|
| فِيْ حَالَةِ الْبُعْدِ رُوْحِيْ كُنْتُ اُرْسِلُهَا | تُقَبِّلُ الْاَرْضَ عَنِّيْ وَهِيَ نَائِبَتِيْ |
| وَهٰذِهٖ نَوْبَةُ الْاَشْبَاحِ قَدْ حَضَرَتْ | فَامْدُدْ يَمِيْنَكَ كَيْ تَحْظٰى بِهَا شَفَتِيْ |

**ترجمو:** يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن مان پَري هئس تہ پنهنجي روح کي اوهان جي خدمت ۾ موڪليندو هئس، منهنجو روح منهنجو نائب بڻجي توهان جي پاڪ دَرَ جي زمين چُمندو هو. يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هاڻي جسماني طور حاضري جي سعادت ملي رهي آهي، پنهنجو هٿ مبارڪ وڌايو تہ جيئن منهنجا چَپَ اوهان جي هٿ مبارڪ کي چُمَڻ جو شرف حاصل ڪن.

بس ايترو عرض ڪرڻ جي دير هئي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روضهءِ پُرنور مان هٿ مبارڪ ٻاهر ڪڍيو، ۽ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ساڻن هٿ ملايو، هٿ مبارڪ کي چُميو ۽ پنهنجي مٿي تي بہ گهمايو. (1)

| | |
|---|---|
| واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا | اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا |
| سر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا | اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مزار مبارڪ مان هٿ ٻاهر ڪڍڻ جو دليل

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شان ڏسو، ڪيڏو نہ اعليٰ آهي. پاڻ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ تمام اونچو مقام رکن ٿا، تڏهن ئي تہ سندن مٿان اهڙي نوازش ٿي، رسولِ

1... تفريح الخاطر، المنقبة الثانية والعشرون ، صفحہ:31۔
2... حدائقِ بخشش، صفحہ:19۔

رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ مزار پاڪ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ چُمَڻ جو موقعو بہ عطا فرمايو.

دل ۾ وسوسو اچي سگهي ٿو تہ ظاهري وصال کان ڪيئي سال پوءِ ائين هٿ مبارڪ ٻاهر ڪيئن ڪڍي سگهجي ٿو...؟ تمام سولو مسئلو آهي، جيڪڏهن الله پاڪ چاهي تہ ڇا نہ ٿو ٿي سگهي؟ بيشڪ الله پاڪ جي قدرت ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ آهي، سندس عطا ۾ ڪا رَنڊَ روڪ نہ آهي. اُنَ قدرتن واري رب ڪريم پنهنجي محبوب ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اختيارات ڏنا آهن. جنهن کي جيئن چاهِن نوازي سگهن ٿا.

**روايتن ۾ آهي:** معراج جي رات جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مزار پاڪ جي پرسان گذريا تہ ڏٺائون تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مزار شريف جي اندر نماز پڙهي رهيا آهن. [(1)] پوءِ اتان کان هلي، مسجدِ اقصيٰ پهتا تہ اُتي نہ صرف حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام، پر سيئي انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام استقبال لاءِ موجود هئا. [(2)]

## نَبِي زندهہ هوندا آهن

ٻڌو! چار نبي زندهہ آهن، ڪين اجا تائين موت نہ آيو آهي، باقي ڪم و پيش **1 لک 23 هزار 996** انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام پنهنجين مزارن مان اُتي مسجدِ اقصيٰ ۾ تشريف ڪٺي آيا هئا. جڏهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام پنهنجن مزارن مان نڪري اهڙي طرح دنيا ۾ جلوو فرمائي سگهن ٿا تہ پوءِ ڀلا ٻڌايو! رڳو هٿ مبارڪ ٻاهر ڪڍڻ تہ ڪا ئي وڏي ڳالهہ نہ آهي. اَلحمدُلِلّٰه! نبي سڀ زندهہ هوندا آهن، ڪين موت تہ ايندو آهي، پر فقط هڪ گهڙيءَ جي لاءِ، پوءِ سندن روحِ پاڪ ڪين موٽائي ڏنو ويندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: نَبِيُّ اللهِ حَيٌّ يُرْزَقُ يعني الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام زندهہ هوندا آهن، ڪين رزق ڏنو ويندو آهي. [(3)]

---

1... مسلم، ڪتاب الفضائل، باب من فضائل موسی، صفحہ:927، حديث:2375۔
2...نسائی، ڪتاب الصلاۃ، باب فرض الصلاۃ...الخ، صفحہ:81، حديث:448 ماخوذاً۔
3...ابن ماجہ، ڪتاب الجنائز، باب ذڪر وفاتہ و دفنہ، صفحہ:263، حديث:1637۔

بهرحال! مقبول ٻانهن جي لاءِ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ايئن هٿ مبارڪ مزارِ پاڪ مان ٻاهر ڪڍڻ ۽ ڪين هٿ چُمڻ جي سعادت بخشڻ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه آهي، هِي ته سندن اعليٰ ترين معجزن مان هڪ معجزو آهي.

# تَصَوُّرِ مدينہ جي عادت ٺاهيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ايمان افروز واقعي مان سندن شان ته معلوم ٿيو ۽ ان سان گڏوگڏ سندن هڪ پياري ادا به معلوم ٿي رهي آهي. غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو:

فِيْ حَالَةِ الْبُعْدِ رُوحِيْ كُنتُ أُرْسِلُهَا | تُقَبِّلُ الْأَرْضَ عَنِّيْ وَهِيَ نَائِبَتِي

**ترجمو:** جڏهن مان پَري هئس، بغداد شريف ۾ هوندو هئس ته پنهنجو روح اوهان جي بارگاهه ۾ موڪليندو هئس، منهنجو روح منهنجو نائب بڻجي توهان جي پاڪ دَرَ جي زمين چُمندو هو.

سُبۡحٰنَ الله! چوندا آهن ته:

عشقِ مصطفٰے جس کے سینے میں ہے | وہ کہیں بھی رہے مدینے میں ہے

حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو عشقِ مدينہ ڏسو! ڪيڏو نہ ڪمال وارو آهي. پاڻ بغداد ۾ وينا آهن ۽ سندن روح پاڪ مديني جو سير ڪري رهيو آهي.

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو شان ته نرالو آهي، پاڻ پنهنجي روح پاڪ کي مديني ڪيئن موڪليندا هئا، اهو ته هُو پاڻ ئي ڄاڻن ٿا پر اسان کي ان مان جيڪو سبق مليو، سو اهو ته اسان کي به تصورِ مدينہ جي عادت ٺاهڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن يا جيڪڏهن ٿي سگهي ته روزانو ئي تنهائي ۾ ويهي رهون، اکيون بند ڪريون ۽ تصور ئي تصور ۾ مديني پهچي وڃون، سنهري جارين جي سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهون ۞ ڪڏهن دِرِ پاڪ جي چانئُٺِ کي چُميون ڏيون ۞ ڪڏهن بابِ جبريل تي حاضر ٿي وڃون ۞ ڪڏهن رياضُ الجَنّة ۾

حاضري ڏيون ۞ ڪڏهن مسجدِ نبوي شريف جي ٿنين (ٿُلهَن) سان چنبڙي پئون ۞ ڪڏهن تصور ئي تصور ۾ سائي سائي گنبذ جا نظارا ڪريون. اهڙي طرح روحاني طور تي خيالن ئي خيالن ۾ اسان کي مديني جي حاضري جي عادت بنائڻ گهرجي.

ڪاش! دل ۾ عشقِ مدينہ چڱيءَ طرح داخل ٿي وڃي، ڪاش! اهڙي ڪيفيت ٿي وڃي جو اسان بہ چئون:

جب نظر سُوئے طیبہ روانہ ہوئی، ساتھ دِل بھی گیا، ساتھ جاں بھی گئی

میں منیر اب رہوں گا یہاں کس لیے ، میرا سارا اَثاثہ مدینے میں ہے

## صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم ۽ تَصوّرِ مصطفٰي

توهان کي هڪ مزيدار ڳالهہ ٻڌايان: اسان مدينو ڏٺو آهي، جيڪڏهن اتي حاضر ٿي نہ ڏٺو آهي تہ تصويرن ۾ تہ ضرور ڏٺو هوندو. صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم اهڙا شان وارا آهن جن محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو هو. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي عادت هوندي هئي تہ تَصَوُّرِ مصطفيٰ جمائيندا هئا. صحابہءِ ڪرام جڏهن حديثون ٻڌائيندا هئا تہ چوندا هئا: جڻ تہ اسان محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسي رهيا آهيون، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هيئن فرمائي رهيا هئا ۞ حضرت مغيره بن شعبه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جورابن(چمڙي جي جورابن) تي مسح واري روايت بيان ڪئي، تَصَوُّرِ مصطفيٰ ۾ گم ٿي فرمايائون: كَاَنِّیۡ اَنۡظُرُ اِلٰی اَصَابِعِهٖ عَلَی الۡخُفَّیۡن جڻ تہ مان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسي رهيو آهيان، آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مبارڪ آڱريون جورابن تي آهن.[1] ۞ هڪ ڀيرو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غسل فرمايو ۽ نماز جي لاءِ تشريف کڻي آيا. جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف کڻي اچي رهيا هئا تہ ان وقت حضرت عبد اللّٰه بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جون نگاهون ديدارِ مصطفيٰ جو شرف حاصل ڪري رهيون هيون. هي منظر انهن پنهنجين نگاهن ۾ نقش ڪري ڇڏيو، پوءِ جڏهن هيءَ

1 ... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الطہارات، باب من کان لا یری المسح، جلد:1، صفحہ:214، حدیث:14۔

حديث انهن بعد وارن کي ٻڌائي تہ فرمايائون: كَاَنِّيْ اَنْظُرُ اِلَيْهِ الْآنَ يَقْطُرُ رَاْسُهٗ مَاءٌ جڻ تہ مان حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي رهيو آهيان، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي اچي رهيا آهن ۽ سندن مبارک زلفن مان پاڻي جا ڦُڙا ٽِمي رهيا آهن. (1)

توهان ٻڌو تہ! صحابہ کرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کهڙي نہ کمال انداز سان حديثون ٻڌائيندا هئا، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مبارک ادائون پنهنجين دلين ۾ نقش کندا هئا، پوءِ هڪ هڪ لفظ ٻڌائيندي تَصَوُّرِ مصطفيٰ ۾ گم ٿي ويندا هئا.

انهن ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شرف حاصل ڪيو هو، اهي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تصور ڪندا هئا، اسان مدينو ڏٺو آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان مديني جو تصور ڪريون. الله پاک اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

| | |
|---|---|
| اے کاش تَصوُّر میں مدینے کی گلی ہو | اور یاد مُحَمَّد بھی مرے دِل میں بسی ہو |
| دو سوزِ بِلال آقا، ملے درد رضا سا | سرکار عطا عشقِ اویس قرنی ہو |
| اے کاش! میں بن جاؤں مدینے کا مُسَافِر | پھر روتی ہوئی طیبہ کو بارات کو چلی ہو (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# عاجزي اختيار ڪندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوثِ پاک رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيارين پيارين ادائن مان هڪ پياري ادا اها بہ آهي تہ پاڻ خود پسندي کان هميشہ دور رهندا هئا، هميشہ عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر بڻيا رهندا هئا. ان حوالي سان هڪ ڏاڍو خوبصورت واقعو ڪتابن ۾ لکيل آهي. هڪ ڀيري ڪنهن نهايت قيمتي آئينو سندن خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ آئينو پنهنجي خادم جي حوالي ڪيو ۽

1... بخاری، کتاب مواقیت الصلاۃ، باب النوم قبل العشاء...الخ،صفحہ:208، حدیث:571 ۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:314۔

فرمايائون: جڏهن بہ مان گهران، تڏهن هي آئينو مون کي ڏيندو ڪر.

هڪ ڏينهن ايئن ٿيو جو اهو قيمتي آئينو خادم جي هٿن مان ڪِري ٽُٽِي پيو. خادم تمام گهڻو پريشان ٿيو، سوچي رهيو هو تہ ڪيئن ٻڌايان تہ مون کان آئينو ٽٽي پيو آهي. آخرڪار هڪ خوبصورت جملو سوچي، بارگاهِ غوثيت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين:

آزْ قَضَا آئِيْنَہْ چِيْنِیْ شِكَسْت

**ترجمو:** يعني تقدير غالب آئي ۽ چيني آئينو ٽٽي پيو.

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه يڪدم فرمايو:

خُوبْ شُدْ كِہْ اَسْبَابِ خُوْدْ بِيْنِیْ شِكَسْت

**ترجمو:** يعني سٺو ٿيو، پاڻ کي ڏسڻ وارو اوزار ٽٽي پيو.

## چڱائي کي نظر ۾ رکون

سُبْحٰنَ الله! هڪ تہ ان ۾ هي ڏسو تہ ظاهري طور نقصان ٿي ويو، قيمتي آئينو ٽٽي پيو. اسان جي گهرن ۾ جيڪڏهن اهڙو ڪو مسئلو ٿي وڃي، ٻارن کان ڪا شيءِ ٽٽي پئي، چانهہ ڪِري پئي، ڪپڙا استري ڪندي سڙي وڃن، ٻارَ کي دڪان تي ڪجهہ وٺڻ موڪليو هو، ويچاري کان پئسا ڪٿي ڪِري گم ٿي ويا ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا نقصان گهرن ۾، دڪانن تي، آفيسن ۾، ملازمن وغيره کان ٿيندا رهندا آهن. اسان وٽ اهڙي موقعي تي اڪثر ڪري ماٺهو ڪاوڙ ۾ پرجي ويندا آهن. ۞ ڏسي نہ ٿو هلي سگهين؟ ۞ هڪ ڪم توکان سڌو نہ ٿو ٿئي؟ ۞ هٿ ٽٽي پيا اٿئي ڇا...؟ جهڙا ابتا سبتا جملا اسان پنهنجين زبانن تي آڻيندا آهيون.

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مبارڪ انداز ڏسو! قيمتي آئينو ٽٽي پيو، پاڻ ان نقصان مان بہ چڱائي جو پهلو ڪڍي ورتائون ۽ فرمايائون: سنو ئي ٿيو، پاڻ کي ڏسڻ وارو اوزار ٽٽي پيو.

اسان کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي، هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ هر نقصان جي اندر ڪا نہ ڪا چڱائي موجود هوندي آهي. اسان کي گهرجي تہ ان چڱائي کي نظر ۾ رکون.

## هن جاءِ تي وِڇون هجي ها تہ...؟

عاشقِ غوثِ پاڪ، امير اهلسنت هڪ دفعو ڪٿان گذري رهيا هئا، اوچتو سندن پير ماڪيءَ جي مک جي مٿان اچي ويو، ماڪيءَ جي مک کين ڏنگ هنيو، پاڻ جلدي ۾ بيچين ٿي پير ڪنيائون ۽ ڏٺائون تہ هيٺ ماڪيءَ جي مک ريڙهيون پائي رهي آهي، هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي مارڻ جي لاءِ اڳتي وڌيو، پر امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کيس ائين ڪرڻ کان روڪيو، ۽ فرمايو: هن ويچاريءَ جو ڪهڙو ڏوهہ، ڏوهہ تہ منهنجو آهي جو مان ان تي پير رکيو. وڌيڪ فرمايائون: **هي تہ شڪر جو مقام آهي، جيڪڏهن ماڪيءَ جي مک جي جاءِ تي وڇون هجي ها ۽ اهو مون کي ڏنگ هڻي ها تہ پوءِ ڇا ٿئي ها...؟**

سُبْحٰنَ الله! هن کي چئبو آهي نقصان ۾ بہ چڱائيءَ کي نظر ۾ رکڻ. اسان کي گهرجي تہ غصي ۾ اچڻ بدران، غلط جملا زبان تي آڻڻ بدران، نقصان ٿيڻ تي بہ چڱائيءَ ڏانهن نظر ڪندا رهون.

## مقدر ۾ ڪجهہ ہيو هجي ها تہ...

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ پياري ادا ڀڏو! حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: مان **10** سالن تائين پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ڪئي، ڪڏهن ڪڏهن منهنجي هٿان ڪم خراب بہ ٿي ويندا هئا، پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ مون کي ملامت نہ ڪئي (يعني دڙڪا وغيره نہ ڏنائون)، جيڪڏهن سندن گهر وارن مان ڪو مون کي ڪجهہ چوندو هو تہ پاڻ فرمائيندا هئا: دَعُوْهُ فَاِنَّهُ لَوْ قُضِيَ شَيْءٌ كَانَ يعني

ان کي چڏي ڏيو! جيڪڏهن ڪجهه پيو مُقدر ۾ هجي ها ته اهو ٿئي ها. [1]

## ...ته گهر جنت بڻجي وڃي

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نه پياري سوچ آهي، ڪهڙو نه نرالو انداز آهي...!! مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن **حديث پاڪ** جي تحت فرمائن ٿا: جيڪڏهن اسان هن نبوي طريقي تي عمل ڪريون ته ثواب به ملندو ۽ اسان جا گهر جنت بڻجي ويندا، ڪڏهن به لڙائي ۽ جهگڙا نه ٿيندا، گهرن ۾ فساد ۽ جهيڙا ان (نبوي انداز) کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪري ئي ٿيندا آهن.[2]

الله پاڪ اسان کي به اهڙي پياري سوچ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## خودپسندي کان بچو

پيارا اسلامي ڀائرو! قيمتي آئينو ٽٽي پيو، حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪيڏو نه پيارو جملو چيو، فرمايائون:

خُوبْ شُدْ کِهْ اَسْبَابِ خُوْدْ بِيْنِیْ شِکَسْت

**ترجمو:** يعني سٺو ٿيو جو پاڻ کي ڏسڻ وارو اوزار ئي ٽٽي پيو.

هن مان غوث پاڪ جي ادا معلوم ٿي ته اُهي پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ کان بچندا هئا، يعني خود پسنديءَ کان پري رهندا هئا.

## پنهنجو پاڻ کي پاڪ صاف ڪري پيش نه ڪريو

هيءَ به سکڻ جي ڳالهه آهي، خود پسندي هڪ تمام نقصانڪار باطني بيماري آهي. ان کان بچڻ تمام ضروري آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

1...مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة...الخ، باب فی اخلاقه...الخ، جلد:2، صفحه:366، حديث:5819۔

2...مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:77 ۔

▪ فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ۠﴿۳۲﴾ (پارو: 27، سورة النجم: 32)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ توهان پاڻ پنهنجين جانين جي پاڪيزگي بيان نہ ڪيو، اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪو پرهيزگار ٿيو.

هن آيتِ ڪريمہ جي تحت مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هيءَ آيت انهن ماڻهن جي باري ۾ نازل ٿي جيڪي پنهنجين نيڪين تي فخر ڪندا هئا ۽ فخر سان چوندا هئا تہ اسان جون نمازون اهڙيون آهن! اسان جا روزا ههڙا آهن! اسان اهڙا آهيون! ان (يعني الله پاڪ) جو ڄاڻڻ ئي ڪافي آهي، توهان پنهنجي تقوىٰ ۽ طهارت جو اعلان ماڻهن ۾ چو ٿا ڪريو! مزي جي ڳالهہ تہ اِها آهي جو ٻانهو چوي: مان گنهگار آهيان ۽ رب چوي: هي پرهيزگار آهي! جيئن ابوبڪر صديق (رَضِیَ اللّٰهُ عنه). [1]

## اللّٰه پاڪ جو فضل نہ هجي ها تہ...

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جيڪو ڪجهہ بہ آهيون، اللّٰه پاڪ جي فضل سان آهيون، سندس احسان سان آهيون. اسان نمازي آهيون، ان ۾ اسان جو ڪو ڪمال نہ آهي، ان ربَ ڪريم جو فضل آهي. اسان کي قرآن پاڪ جي تلاوت جي توفيق ملندي آهي، اهو بہ ان ربَ ڪريم جو فضل آهي. اسان کي صدقو يا خيرات ڪرڻ جي توفيق ملندي آهي، اِهو بہ اُن ربَ ڪريم جو فضل آهي. اسان جو چهرو پيارو آهي، ان جو فضل آهي. اسان پڙهيل لکيل آهيون، ان جو فضل آهي. جيڪو بہ آهي، اسان جو پنهنجو ڪو ڪمال نہ آهي، سمورو ان ربَ ڪريم جو فضل آهي ۽ بس فضل آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

فَلَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۶۴﴾ (پارو: 1، سورة البقرة: 64)

ترجمو ڪنز العرفان: تہ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ توهان نقصان ڪٽڻ وارن مان ٿي وڃو ها.

الله! الله! جيڪڏهن الله پاڪ جو فضل نہ هجي ها تہ اسان ڪٿي هجون ها...؟

1...تفسير نور العرفان، پاره:27، سورۂ نجم، زيرِ آيت:32، صفحہ:841۔

چا ڪريون ها؟ چا کائون ها؟ چا پَهريُون ها؟ ماڻهو شراب خانن ۾ وينا آهن، ميوزڪ ڪنسرٽ ۾ وڃي رهيا آهن، گناهن جي اڏن تي زندگيون برباد ڪري رهيا آهن، حرام کائي رهيا آهن، حرام پي رهيا آهن، حرام ڳالهائي رهيا آهن، حرام ڏسي رهيا آهن، حرام ٻڌي رهيا آهن.

اسان ديني اجتماع ۾ موجود آهيون، اِهو اللہ پاڪ جو فضل آهي. ديني سوچ مليل آهي، اللہ پاڪ جو فضل آهي. ايمان نصيب آهي، اِهو بہ اللہ پاڪ جو ئي فضل آهي. تنهنڪري پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي بدران هر وقت اللہ پاڪ جي فضل تي نظر رکو!

## مون کي اللہ پاڪ جي فضل بچائي ورتو

حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو مشهور واقعو آهي، پاڻ سالن تائين جهنگلن ۾ رهي مجاهدا ڪيائون، فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ڪنهن جهنگل ڏانهن نڪري ويس ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين اتي موجود رهيس. کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. مون تي اُڃَ جو سخت غلبو هو، ايتري ۾ منهنجي مٿان هڪ ڪَڪَر نروار ٿيو، جنهن مان ڪجهہ بارش جا قطرا ڪِريا جن کي مون پي ڇڏيو، تنهن کان پوءِ ڪڪر ۾ هڪ نوراني صورت ظاهر ٿي جنهن سان آسمان جا ڪنارا روشن ٿي ويا ۽ هڪ آواز گونجڻ لڳو: اي عبدالقادر! مان تنهنجو ربُ آهيان، مون سڀ حرام شيون تنهنجي لاءِ حلال ڪري ڇڏيون آهن. حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا اهو ٻڌندي ئي مون اَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم پڙهيو، اوچتو روشني ختم ٿي وئي ۽ ان دُونهين جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ آواز آيو: اي عبدالقادر! هن کان اڳ مان 70 اولياءِ ڪرام کي گمراهہ ڪري چڪو آهيان پر توکي تنهنجي علم بچائي ورتو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون چيو: **اي مردود! مون کي منهنجي علم نہ پر منهنجي ربَ جي فضل بچايو آهي.** [1]

هوں ایمان کے ساتھ دنیا سے رخصت | یہی عرض ہے آخری غوث اعظم

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هي شيطان جو ڪيڏو وڏو وارُ هو، پهريان تہ

1... بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار، ذکر شيء من اجوبته...الخ، صفحه:228

شيطان کھڙي نہ عجيب انداز سان وارُ کيو، غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سمجھي ويا تہ ھي لعنتي شيطان آھي. پوءِ اھو بدبخت ويندي ويندي بہ وارُ ڪرڻ کان نہ مُڙيو، ويندي ويندي بہ چئي رھيو ھو: اي عبدالقادر! توکي تنھنجي علم بچائي ورتو. غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيئن تہ پنھنجو پاڻ تي نظر نہ رکندا ھئا، خود پسنديءَ ۾ مبتلا نہ ٿيندا ھئا، تنھنڪري ھنن شيطان جو اِھو وارُ بہ ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: اي مردود! مون کي منھنجي علم نہ پر اللّٰه پاڪ جي فضل بچايو آھي. اھڙو انداز اسان کي بہ اپنائڻ گھرجي. جيڪڏھن اسان خود پسنديءَ ۾ مبتلا ٿي وياسين ۽ ائين سمجھڻ لڳاسين تہ ۞ مان نمازي آھيان ۞ مان حاجي آھيان ۞ مان قاري آھيان ۞ مان پڙھيل لکيل آھيان ۞ مان صاحبِ علم آھيان ۞ مان فلاڻو آھيان. جيڪڏھن ان **"مان مان"** ۾ پئجي وياسين تہ پوءِ سمجھو تہ اسان جا ڪم لَھِي ويا.

## 3 ھلاڪت ۾ وِجھڻ واريون شيون

ٽي شيون ھلاڪت ۾ وجھڻ واريون آھن: **(1):** بُخل جنھن جي پيروي ڪئي وڃي **(2):** نفساني خواھش جنھن جي اطاعت ڪئي وڃي ۽ **(3):** انسان جو پاڻ کي سٺو سمجھڻ.[1]

اللّٰه پاڪ اسان کي ھلاڪت کان محفوظ فرمائي. خود پسندي ۽ بين باطني بيمارين کان نجات نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## غوث پاڪ جون وڏيڪ پياريون ادائون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيارين پيارين ادائن ۾ ھي بہ آھي تہ ۞ پاڻ تمام اعليٰ مرتبي وارا ھئڻ جي باوجود ٻارن سان گڏ ويھندا ھئا، غريبن ۽ فقيرن سان گڏ ويھڻ ۾ شرم محسوس نہ ڪندا ھئا ۞ ماڻھن کي نيڪ صَلاحُون ڏيندا ھئا ۞ نيڪوڪار ھجي يا بدڪار، سيني کي عزت ڏيندا ھئا، کين پنھنجي بارگاھ ۾ ويھاريندا ھئا. ھڪ دفعو

1... حلية الاولياء، جلد:2، صفحه:183، رقم:1865ـ

سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: حضور! توهان جي شاگردن ۾ نيڪوڪار ۽ گنهگار ٻئي موجود آهن؟ فرمايائون: ها! نيڪوڪار منهنجي لاءِ آهن ۽ گنهگارن جي لاءِ مان آهيان

سب کا کوئی نہ کوئی دنیا میں آسرا ہے | میرا بجز تمہارا کوئی نہیں سہارا

۞ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جنازن ۾ شرڪت ڪندا هئا ۞ تمام گهڻا سخي هئا، سيني کي نوازيندا هئا ۞ تمام گهڻو خاموش رهڻ وارا هئا ۞ تمام حيادار هئا ۞ جيڪو به وٽن ايندو هو، ان کي عزت ڏيندا هئا ۞ سندن خادم ٿڪل هوندو هو ته ڪيس آرام جو موقعو ڏيندا هئا، پاڻ بازار وڃي سامان وغيره خريد ڪري ايندا هئا ۞ سفر ڪندا هئا ته ساڻن گڏ جيڪي خادم، غلام يا مريد هوندا هئا انهن کي آرام ڏيندا هئا، پاڻ ئي ڪٺڪ پيهندا هئا ۽ پاڻ ئي اٽو ڳوهي، مانيون پچائي، همسفر خادمن ۽ غلامن کي کاڌو کارائيندا هئا ۞ گهر وارن تي به ڏاڍا مهربان هئا، جيڪڏهن ڪڏهن سندن زوجه محترمه بيمار ٿي پونديون هيون ته پاڻ گهر جو ڪم ڪار ڪري ڇڏيندا هئا.

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪيڏيون نه پياريون ادائون آهن، ڪاش! اسان به اهڙيون ادائون اپنايون، ڀين تي شفقت ڪريون، همدردي ڪريون، هر ڪنهن جي ڪم اچون، جيترو ٿي سگهي ڀين کي فائدو پهچايون، عاجزي ڪريون، عام ماڻهن وانگر سادي زندگي گذاريون. اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز به اهڙو ئي هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻي عاجزي فرمائڻ وارا هئا، ڏاڍي سادي زندگي گذاريندا هئا، گهر جو سامان پنهنجن مبارڪ ڪلهن تي رکي کڻي ايندا هئا، گهر وارن جو ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. اهي سڀ ڪم اسان کي به اپنائڻ گهرجن.

افسوس! اڄڪلهه ڏيکاءُ تمام گهڻو ٿي ويو آهي، ماڻهو پنهنجو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ به پنهنجي بيعزتي محسوس ڪري رهيا هوندا آهن. پنهنجن هٿن سان ڪم ڪرڻ گهڻن کي پسند نه هوندو آهي. ايتري تائين جو پاڻي به پاڻ اٿي پيئڻ ڪيترن کي مشڪل لڳندو آهي، هَرُوڀَرُو ڀين کي تڪليف ڏيندا آهن ته اي فلاڻا! پاڻي پيار!

ها، جيڪڏهن ڪا مجبوري هجي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ٿڪيل هوندو آهي يا ڪنهن ضروري ڪم ۾ مصروف هوندو آهي ته اهڙي حالت ۾ ٻئي کي چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر ان کي عادت بڻائي ڇڏڻ ۽ پاڻ ڪم ڪرڻ کي عيب سمجهڻ اهو سٺو ناهي. ڪجهه ماڻهو پنهنجي هٿن سان ڪم ڪرڻ کي هيٺ ڏسندا آهن، اهو غلط آهي. پنهنجا ڪم پنهنجن هٿن سان ڪرڻ ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ، ضرورت پوڻ تي ٿانوَ ڌوئڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۾، گهر وارن جي مدد ڪرڻ، ڪڏهن ڪڏهن ٻارن جي ماءُ بيمار هجي ته گهر جي صفائي وغيره ڪرڻ،

ڪاڏو تيار ڪرڻ وغيره انهن ڳالهين کي ته ماڻهو معاذالله! زال جي غلامي سمجهندا آهن.

پيارا ڀاءُ! اهو ته نبوي طريقو آهي. آخر گهر وارا به انسان آهن، انهن جو ڪم ڪار ۾ هٿ اسان نه ونڊائينداسين ته ٻيو ڪير ونڊائيندو. حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عنها کان ڪنهن پڇيو هو ته محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ ڇا ڪندا هئا؟ فرمايائون: كَانَ فِي مِهْنَةِ اَهْلِهِ يعني محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (امامُ الانبياء هئڻ جي باوجود) جڏهن گهر ۾ تشريف فرما هوندا هئا ته گهر وارن جو ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. [1]

خير! هِي نبوي طريقا آهن، اسان کي اپنائڻ گهرجن! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دل کي سڪون به ملندو ۽ گهر ۾ امن به قائم ٿيندو.

## غوثِ پاڪ جي شاگردن تي شفقت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيارين پيارين ادائن ۾ هڪ پياري ادا اها به آهي ته پاڻ تمام گهڻا سخي هئا، خاص طور تي غريبن ۽ شاگردن تي تمام گهڻي شفقت فرمائيندا هئا، سندن مدرسي ۾ جيڪي شاگرد پڙهڻ ايندا هئا، جيڪڏهن انهن مان ڪنهن وٽ ڪتابَ يا قلم وغيره نه هوندو هو ته ان کي ڪتابَ وٺي ڏيندا هئا، قلم عطا ڪندا هئا ۽ شاگردن کي ڪاڏو به ڪارائيندا هئا. [2]

1... بخاری، کتاب النفقات، باب خدمۃ الرجل فی اہلہ، صفحہ:1375، حدیث:5363۔
2...غوث پاک کی مجاہدانہ زندگی ، جلد:1، صفحہ:305 مفصلاً۔

# اي انسانو...!! سخي بڻجي وڃو

هڪ دفعي حضور غوثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي مدرسي ۾ بيان ڪيو، ان دورانِ سندن فرمايو: اي مالدارو! جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا ته پنهنجي مال جي ذريعي غريبن سان همدردي ڪريو! پوءِ غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ حديث پاڪ بيان فرمائي:(1) الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جو عيال (يعني ٻانها) آهن، الله پاڪ جو وڌيڪ پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال کي وڌيڪ فائدو پهچائڻ وارو آهي.(2)

# هڪ پريشان حال غريب جي دِلجُوئي

ابو عبد الله محمد بن خضر حسيني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن سرڪار غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي نظر هڪ پريشان حال فقير تي پئي، هڪ مسلمان کي ڏکَ ۽ غم ۾ مبتلا ڏسي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بيتاب ٿي ويا ۽ کانئس پڇيائون: مَا شَاْنُكَ يعني توکي ڇا ٿيو آهي؟ فقير جواب ۾ عرض ڪيو: عالي جاه! مون کي درياءِ دجله جي هُن پار وڃڻو آهي پر مون وٽِ پئسا نه آهن، ملاّح (يعني ٻيڙي هلائڻ وارو) ڪرائي کان سواءِ ٻيڙيءَ ۾ ويهارڻ لاءِ تيار نه آهي. ملاّح جي اهڙي رويي سبب منهنجي دل ٽٽي پئي آهي ۽ مان ان ڪري پريشان آهيان ته جيڪڏهن مون وٽ پئسا هجن ها ته مون کي ائين مايوس ٿيڻو نه پوي ها.

راوي چوي ٿو ته اڃان فقير پنهنجي ڳالهه پُوري به نه ڪئي هئي ته هڪ شخص بارگاهِ غوثيت ۾ حاضر ٿيو، هن غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ هڪ ٿيلهي نذراني طور پيش ڪئي، ان ٿيلهي ۾ **30 دينار** (يعني سون جا سڪا) هئا، غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ اُهي **30** ئي دينار ان غريب کي ڏيندي

---

1...فتح الربانى، المجلس التاسع و العشرون، صفحه:127۔

2...موسُوعہ ابنِ ابى دُنيا، كتاب قضاء الحوائج، جلد:4، صفحه:159، حديث:24۔

فرمايو: هي سمورا دينار ملاّح کي ڏجان ۽ کيس چئجان ته هُو اڳتي کنهن به غريب کي درياءَ جي پار وٺي وڃڻ کان انڪار نه ڪري.(1)

اسيروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم! | فقیروں کے حاجت روا غوثِ اعظم!
گِھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا | مدد کے لیے آؤ یاغوثِ اعظم!

# سخاوت جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪيڏا نه سخي آهن، هڪ غريب جي مِسڪِيني واري حالت ڏسي، فوراً ان جي مدد فرمايائون. اسان کي به گهرجي ته سخاوت اختيار ڪريون. الله پاڪ اسان کي جيترو عطا فرمايو آهي، ان مان جيترو آسان ٿي سگهي، ڪجهه نه ڪجهه حصو صدقي ۽ خيرات لاءِ به ضرور ڪيون، سخاوت ڪريون ۽ وڏيڪ هي به عرض ڪريان ته سخي ٿيڻ جي لاءِ وڏي الماري( تِجوڙي) نه، پر وڏي دل جي ضرورت آهي. ڪيترائي ماڻهو آهن، جن جون تِجوڙيون ته وڏيون آهن پر سندن دل ننڍڙي آهي، تنهنڪري مال جيتوڻيڪ گهٽ هجي، پر دل وڏي رکو!

اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! سخاوت جي دولت نصيب ٿيندي. ان جون فضيلتون کهڙيون آهن؟ اچو ته ٻڌون ٿا! ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: سخاوت جنت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، جيڪو انهن مان ڪنهن هڪ به ٽاريءَ کي پڪڙيندو آهي، اها ٽاري کيس جنت ۾ وٺي ويندي آهي.(2) ۞ محبوب خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سخيءَ جي غلطيءَ کي معاف ڪريو، ڇاڪاڻ ته جڏهن به هو غلطي ڪندو آهي ته الله پاڪ سندس هٿ پڪڙي وٺندو آهي.(3) (يعني الله پاڪ ان جو مددگار ٿيندو آهي جو ان کي هلاڪت ۾ پوڻ کان بچائيندو آهي).(4) ۞ هڪ روايت ۾ آهي: جنت سخين جو گهر آهي.(5) ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سخي الله پاڪ جي ويجهو آهي،

---

1... بَهْجَةُ الْاَسْرَار، صفحہ:199۔
2... شعب الايمان ، باب فی الجودو السخاء ،جلد:7، صفحہ:435،حديث :10875۔
3... شعب الايمان ، باب فی الجودو السخاء ،جلد:7،صفحہ:433، حديث :10867۔
4... اتحاف السادة المتقين،جلد:9، صفحہ:725ملخصاً ۔
5... فردوس الاخبار،جلد:1، صفحہ:333، حديث:2430۔

جنت جي ويجهو آهي، ماڻهن جي ويجهو آهي ۽ باهه کان پري آهي. [(1)]

# ٽيليٿون جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوت اسلامي ديني ۽ فلاحي خدمت ۾ مصروف عمل آهي. اَلحمدُلِله! ❀ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوت اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي.❀ تقريبن **20 هزار 235** جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلس) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورس ڪرايا ويندا آهن ❀ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلس) جي طلباء جو تعداد لڳ ڀڳ **5 لک 65 هزار 695** آهي ❀ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات لڳايا ويندا آهن، جن ۾ پڙهڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن جو تعداد لکن ۾ آهي ❀ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً **27 هزار** طلباء ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن ته **60 هزار** کان وڌيڪ طلباء مختلف ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. ❀ هن وقت تائين تقريباً **21 دارالافتاء اهلسنت** قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار درمياني طور **20 هزار** آهي ❀ المدينۃُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو پيو وڃي، اَلحمدُلِله! هن شعبي جي تحت هن وقت تائين **2045 ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم ٿي چڪو آهي. ❀ سوشل ميڊيا (مثلاً يوٽيوب (*Youtube*) فيسبوڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*)) وغيره تي موجود اڪائونٽس جن تي تقريبن **60.43 ملين** (*Million*) يعني **6 ڪروڙ 43 لک**

---

1… ترمذی، کتاب البر والصلۃ، باب ما جاء فی السخاء، صفحہ:479، حدیث:1961۔

فالوورز (*Followers*)آهن ❁مدني چينل اردو، انگريزي ۽ بنگلا زبانن ۾، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. ❁ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين **35 موبائل ايپليڪيشنس** ۽ **44 اسلامڪ ويب سائيٽس** لانچ ڪيون ويون آهن. ❁ گذريل **12 مهينن** ۾ تقريباً **9 لک 60 هزار** اسلامي ڀائرن قافلن ۾ سفر ڪيو آهي. ❁ ڪورسز جي شعبي تحت هن وقت تائين تقريباً **92 هزار 455 ڪورسَ** ٿيا آهن، جڏهن تہ **19 لک** کان وڌيڪ ماڻهن انهن ڪورسن ۾ شرڪت ڪئي آهي. ❁ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو تعداد درمياني طور **6 لک** آهي. ❁ ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ هن وقت تائين **45 زبانن** ۾ **8 هزار** ڪتابن ۽ رسالن جو ترجمو ڪري چڪو آهي. ❁ خدام المساجد ۽ مدارس المدينہ جي تحت تقريباً **7 هزار 243** مسجدن جي تعمير ٿي چڪي آهي.

انهن سڀني ڪمن ۽ دعوت اسلامي جي مجموعي ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوت اسلامي جا اربين رپين جا خرچَ آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! **12 آڪٽوبر 2025** تي **ٽيليٿون** ٿيڻ وارو آهي، جنهن جو هڪ يونٽ **10 هزار** پاڪستاني رپين جو آهي. پنهنجا عطيا دعوت اسلامي کي ڏيو، **اوهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ جو جذبو ڏنو ويندو آهي. اسلامي ڀائر هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ قافلن ۾ سفر ڪندا رهندا آهن. سکڻ ۽ سيکارڻ جي جذبي سان گڏو گڏ قافلن ۾ اللّٰه وارن جو فيضان ملندو آهي، عبادت جو جذبو وڌندو آهي، نيڪ نمازي بڻجڻ جو ذهن بڻبو آهي.

توهان کي عرض آهي تہ توهان بہ قافلي ۾ سفر ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون. قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي. سنتون سيکاريون وينديون آهن. تهجد پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي. نيڪي جي دعوت کي پکيڙڻ جو موقعو ملندو آهي. قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ. مشڪلاتون ٽرڻ. بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ ڪيئي واقعا آهن. اهو بہ ٿيو تہ قافلي ۾ سفر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي لاءِ، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ قافلي ۾ شرڪت ڪندڙن کي ديدار ڪرايو.

اسان قافلي ۾ سفر ڪريون، ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي. هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪريو! بلڪ بهتر ٿيندو جو هيئنر ئي نيت لکرائي ڇڏيو! اچو ترغيب طور هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

# اکيون روشن ٿي ويون!

حيدرآباد (پاڪستان) ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغ هڪ نوجوان کي قافلي جي دعوت ڏني، جنهن تي هو ڪاوڙجي چوڻ لڳو تہ ”اوهان ماڻهو ڪنهن جي پريشاني جو خيال بہ ڪيو. منهنجي والده جي اکين جو آپريشن ڊاڪٽرن غلط ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري سندس اکين جي روشني هلي وئي آهي. اسان کي ايتري قدر پريشاني آهي ۽ اوهان چئو ٿا تہ قافلي ۾ سفر ڪريو.“ مبلغ اسلامي ڀاءُ همدردي واري انداز ۾ دعا ڏيندي چيو تہ ”اللّٰه پاڪ اوهان جي

والده کي شفا عطا فرمائي. ڊاڪٽر چا پيا چون؟“هن چيو ته ”ڊاڪٽر چون ٿا ته هاڻي آمريڪا به وڃي وينديؤ ته به علاج ممڪن ناهي.“ اهو چوندي هو ڏاڍو غمگين ٿي ويو. مبلغ وڏي محبت سان سندس پٺي تي هٿ ڦيرائيندي ۽ تسلي ڏيندي چيو ته ”ڀاءُ! ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي ان تي مايوس ڇو ٿا ٿيو؟ اللّٰه پاڪ شفا عطا فرمائڻ وارو آهي. مسافر جي دعا اللّٰه پاڪ قبول فرمائيندو آهي. اوهان قافلي ۾ سفر ڪريو ۽ ان دوران والده لاءِ دعا به گهرو“. مبلغ اسلامي ڀاءُ جي دلجوئي واري گفتگو جي نتيجي ۾ غمگين نوجوان قافلي ۾ سفر ڪيو. سفر دوران والده لاءِ گهڻيون دعائون گهريائين. جڏهن گهر موٽيو ته اهو ڏسي سندس خوشي جي انتها نه رهي ته قافلي جي برڪت سان سندس والده جي اکين جي روشني واپس اچي چڪي هئي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
چشمِ بینا ملے سُکھ سے جینا ملے | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# صراط الجنان ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمدﷲ! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي به عِلْمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي **I.T** ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ***Sirat ul Jinan Quran & Tafseer*** (صراط الجنان، قرآن اينڊ تفسير). هن ايپليڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن ڪريم ۞ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو لکيل ترجمهءِ قرآن **ڪنزالايمان** ۞ موجوده دور جي ضرورتن مطابق نهايت ئي آسان ترجمهءِ قرآن، **ترجمو ڪنزالعرفان** ۽ ۞ آسان انداز ۾ لکيل، **تفسير صراط الجنان** شامل آهي. ۞ قرآن ڪريم ترجمي ۽ تفسير سان آڊيو ۾ به ٻڌي سگهو ٿا ۞ عام طور تي روزانو تلاوت ڪيون وڃڻ واريون

سورتون الڳ جمع ڪيون ويون آهن ۞ مدني چينل تي هلڻ وارا تفسيرِ قرآن جا پروگرام ۽ ٻيا مختلف قرآني پروگرام ٻه هن ايپليڪيشن جي ذريعي آسانيءَ سان ڏسي سگهو ٿا ۞ ۽ ان سان گڏوگڏ قرآني آيتن، ترجمي ۽ تفسير کي واٽس ايپ (WhatsApp)، فيس بڪ (Facebook) وغيره تي پنهنجن دوستن سان شيئر ٻه ڪري سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، علمِ دين پاڻ ٻه سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ٻه ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

يارهين شريف جي هن مقدس اجتماع جي مناسبت سان مڪتبة المدينہ شايع ڪيو آهي هڪ نهايت ئي ايمان افروز ۽ عشقِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي وڌائڻ وارو ڪتاب **"غوثِ پاڪ جا حالات"**. هي ڪتاب غوثِ اعظم، حضور شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرتِ مبارڪ تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ننڍپڻ جا ايمان افروز واقعا، سندن مجاهدانہ زندگي، زهد ۽ تقويٰ، دين جي لاءِ ڪيل خدمتون ۽ ڪيترين ئي ڪرامتن کي خوبصورت ۽ مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ تان **100 روپين** ۾ قيمتاً طلب ڪريو.

۞ يارهين شريف جي مبارڪ موقعي تي رسالا تقسيم ڪري علمِ دين عام ڪريو، يارهين شريف جي نياز سان گڏوگڏ خوب رسالا تقسيم ڪريو. **فيضان غوثيہ پيڪيج** مڪتبة المدينہ جي بستي تان **200 روپين** ۾ قيمتاً طلب ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسواڪ (ڏندڻ) ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ٻه فرمان: **(1):** 2 رڪعتون مسواڪ ڪري پڙهڻ بغير مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي. (2) **(2):** مسواڪ جو استعمال پنهنجي لاءِ لازمي ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اِهو وات جي صفائي ۽ اللّٰہ پاڪ جي رضا جو سبب آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! ۞ حضور نبيِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر رات بار بار ڏندڻ ڏيندا هئا، هر پيري سمهڻ وقت بہ ۽ ننڊ مان جاڳڻ وقت بہ ❀ بغير سني نيت جي مسواڪ ڪرڻ سان طبي فائدا (*Medical Benefits*) تہ حاصل ٿيندا پر ثواب نہ ملندو، مثال طور جيڪڏهن وضوءَ جي لاءِ ڏندڻ ڏيڻو آهي تہ هن طرح ٿي نيتون ڪريو: اللّٰہ پاڪ جي رضا، سنت جي ادائيگي ۽ ذڪر و درود جي لاءِ وات کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي ارادي سان مسواڪ ڪندس. ❀ مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هوندو، موت جي وقت کيس ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو. ❀ حضرت عبداللّٰہ ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان روايت آهي تہ ڏندڻ ڏيڻ ۾ 10 فائدا آهن: ۞ وات کي صاف ڪندو آهي

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... مسند الفردوس، جلد:2، صفحہ:265، حديث:3236۔
3... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔

۞ مهارُون مضبوط ڪندو آهي ۞ نظر تيز ڪندو آهي ۞ بلغم ختم ڪندو آهي ۞ وات جي بدبوءِ ختم ڪندو آهي ۞ سنت جي موافق آهي ۞ مسواڪ ڪرڻ واري کان ملائڪ خوش ٿيندا آهن ۞ مسواڪ ڪرڻ سان ربُ راضي ٿيندو آهي ۞ مسواڪ نيڪي وڌائيندو آهي ۽ معدي کي درست ڪندو آهي ❀ مسواڪ ساڄي هٿ ۾ اهڙي نموني پڪڙيو جو ننڍي آڱر يعني چيچَ ان جي هيٺان ۽ وچيون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي. ❀ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ ان کي اڇلايو نہ، چاڪاڻ تہ اهو سنت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، احتياط سان ڪنهن جاءِ تي دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي پاڻي ۾ لوڙهي ڇڏيو. (1)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل **بهارِشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد ڪريو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

| | |
|---|---|
| جو ہیں وَقف، سنّت کی خدمت کی خاطر | نہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم |
| سفر قافلے میں جو کرتے ہیں ہر ماہ | انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم |
| جو دیں راہِ مولا میں بارہ مہینے | انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم (2) |

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:47-50۔

[2]... وسائلِ بخشش،صفحہ:550-551ملتقطًا۔